دينيات



چوٿين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو سنڌ





خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهٗ
(الحديث)

دينيات

چوٿين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو.
ڇپائيندڙ: رائل بُڪ ڊيپو، فوجداري روڊ، حيدرآباد.

هن ڪتاب جو مسودو وفاقي وزارت تعليم،
حڪومت پاڪستان جي نگرانيءَ هيٺ تيار ڪيو ويو

•

•

وفاقي وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان پاران
سرڪيولر نمبر ايف ـ ايس ـ ١١/٧٤ ـ ٽيڪسٽ
مورخہ ١٥ـ جنوري ١٩٧٥ع هيٺ. منظور ٿيل

•

مُصَنِّفِين

(١) مَوْلانَا سيّد نجم الحسن ڪراروِي
(٢) مَوْلانَا ضيَاءُ القاسمي

نظرثاني

(١) مولانا محمد ميان صديقي
(٢) سيّد ابن حسن نجفي
(٣) مؤلانا عبدالقادر آزاد
(٤) پروفيسر محمد علي سانگي
(٥) مسز امينہ هاليپوٽو

سنڌيڪار

مولانا غلام اصغر ونڊير

نگران :ـ عبدالحڪيم پٺاڻ

پرنٽر:

پيرامائونٽ پريس، حيدرآباد سنڌ.

فهرست

پيش لفظ

حڪومت پاڪستان قومي تعليمي پاليسي مرتب ڪري جيڪو مدبّرانه فيصلو ڪيو، ان جي مطابق اسلاميات (دينيات) جي نصاب ۽ مقصد جي مقرر ڪرڻ جي غرض سان عالمن ۽ تعليم جي ماهرن جون ڪيئي گڏجاڻيون اسلام آباد ۾ منعقد ٿيون. گهڻي غور و خوض ۽ بحث ڪان پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته نصاب ۾ هن ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته جيئن ان سان شاگردن ۾ اسلامي جذبو اڀري، الله ۽ رسول ﷺ جي محبت پيدا ٿئي، اسلامي سيرت جي پيدا ٿيڻ ۾ مدد ملي ۽ وطن عزيز جي محبت پيدا ٿئي ۽ فرض شناسيءَ ۽ انسان دوستيءَ جو اهڙو معاشرو پيدا ٿئي جنهن تي اسان فخر ڪري سگهون.

هنن ڪتابن جي لکڻ ۾ آسان زبان ۽ ٻارن جي نفسيات جي لحاظ رکڻ ڪان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل مقصد کي خاص طور سان اهميت ڏني ويئي آهي.

استادن لاءِ هدايتون:

هن ڪتاب جي لکڻ وقت خاص ڪوشش ڪري اهو لحاظ رکيو ويو آهي ته چوٿين ڪلاس جي ٻارن جي ذهن ڪان مٿي ڪابه عبارت يا لفظ نه هجي. تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪا اهڙي شيءِ هجي، جنهن کي ٻار نه سمجهي سگهن ته استاد جو فرض آهي ته ان کي مناسب انداز ۾ سمجهائي.

نصاب ۾ چوٿين ڪلاس لاءِ ٢٧ ڪان ٢٩ سيپارن جي ناظران پڙهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ان جي پڙهائڻ لاءِ خاص ڌيان جي ضرورت آهي. انهيءَ ڪان سواءِ شروع ڪرڻ ڪان اڳ "اَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيطَانِ الرَّجِيمِ. بِسْمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ" ڪان پوءِ هيءَ دعا "رَبِّ يَسِّرْ وَ لَا تُعَسِّرْ وَ تَمِّمْ بِالخَيرِ" پڙهائڻ گهرجي ۽ ٻارن کي هدايت ڪئي وڃي ته هو جڏهن سبق ياد ڪرڻ لاءِ ويهن ۽ ڪتاب کولين ته هن دعا کي ضرور پڙهن.

مصنّفين

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ

باب پهريون

قرآن مجيد

قرآن مجيد الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي. هي اهو ڪتاب آهي جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي پياري آخري نبي حضرت محمّد رّسول الله صلّي الله عليه و آله و سلّم تي نازل فرمايو. دنيا هجي يا آخرت هن ۾ ٻنهي جهانن جي سيني ڳالهين جو ذڪر ڪيل آهي. هي هدايت ۽ برڪت وارو ڪتاب آهي. هن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ وڏو ثواب آهي. جيڪو هن کي ياد ٿو ڪري ان تي الله تعاليٰ جي خاص مهرباني ٿئي ٿي. هن جو ذهن تيز ۽ حافظو ڏاڍو سٺو ٿئي ٿو. ٻارو! توهان به هي ڪجھ آيتون ۽ سورتون ياد ڪريو.

آیت ١ | آيَةُ الكُرْسِيّ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ
سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي
الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ
يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ
بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَهُوَ
الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾

اٰیاتُہا ٥ | (٩٧) سُوْرَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ (٢٥) | رُکُوعُہا ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ﴿٢﴾
لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ
وَالرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِّنْ كُلِّ اَمْرٍ ﴿٤﴾ سَلٰمٌ ۛ هِيَ حَتّٰى
مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿٥﴾

ایاتها ٦ | (١٠٩) سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ مَكِّيَّةٌ (١٥) | رکوعها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۙ﴿١﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۙ﴿٢﴾ وَلَآ اَنْتُمْ
عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۚ﴿٣﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۙ﴿٤﴾ وَلَآ اَنْتُمْ
عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ؕ﴿٥﴾ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِىَ دِيْنِ ﴿٦﴾

ایاتها ٥ | (١١٣) سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَكِّيَّةٌ (٢٠) | رکوعها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ﴿١﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿٢﴾ وَمِنْ شَرِّ
غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ﴿٣﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِى الْعُقَدِ ۙ﴿٤﴾ وَ
مِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿٥﴾

ایاتها ٦ | (١١٤) سُوْرَةُ النَّاسِ مَكِّيَّةٌ (٢١) | رکوعها ١

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿١﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿٢﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿٣﴾
مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۬ۙ الْخَنَّاسِ ۙ﴿٤﴾ الَّذِىْ يُوَسْوِسُ
فِىْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ﴿٥﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ﴿٦﴾

باب پيو

نماز

نماز سيني عبادتن جو بنياد آهي. هن کي عبادتن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت آهي. نماز الله تعاليٰ جي سچي محبت ۽ فرمانبرداريءَ جي نشاني آهي. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ پهريون سوال نماز جي باري ۾ ڪندو. انهيءَ ڪري اسان کي پاڻ به نماز پڙهڻ گهرجي ۽ ٻين کي نماز پڙهڻ جي هدايت ڪرڻ گهرجي. نماز هڪ اهڙو فرض آهي جنهن کي ڪنهن به حالت ۾ ڇڏڻ جي اجازت نه آهي. بيماريءَ جي حالت ۾ به نماز ڇڏڻ نه گهرجي. جيڪڏهن بيهي نماز نه پڙهي سگهجي ته ويهي پڙهجي ۽ جي ويهڻ جي طاقت به نه هجي ته سمهي پڙهڻ گهرجي.

ٻارو! پاڻ ۾ ننڍپڻ کان وٺي نماز جي عادت وجهو ۽ زندگيءَ تائين نه ڇڏيو، انهيءَ لاءِ ته توهان دنيا ۾ نيڪ ۽ آخرت ۾ سرخرو ٿيو. ڏينهن رات ۾ هر مسلمان تي پنج نمازون فرض آهن. جن جا نالا آهن: (١) فجر جي نماز (٢) ظهر يا ٻن پهرن

جي نماز (٣) عصر يا ٽن پهرن جي نماز (٤) مغرب يا سانجهيءَ جي نماز (٥) عِشاء يا سومهڻيءَ جي نماز. سڀ ائين آهي تہ نماز جماعت سان گڏجي پڙهجي.

نماز جا آداب ۽ فائدا

نماز جا ڪجھ آداب آهن جن ۾ بدن جي ضروري حصن کي ڍڪڻ، جڳھ، بدن ۽ ڪپڙن جو پاڪ هئڻ، وضو ڪرڻ ۽ قبلي جي طرف منهن ڪرڻ ضروري آهي.

نماز مان گهڻا فائدا آهن جن منجهان ڪجھ هي آهن:

(١) نماز پڙهڻ سان وقت جي پابنديءَ جي عادت پوي ٿي. (٢) نماز پڙهڻ وارو هميشہ پاڪ ۽ صاف رهي ٿو. (٣) نمازي ڏينهن ۾ پنج ڀيرا وضوءَ ۾ هٿ منهن ڌوئي ٿو جنهن سان هن جو ٿڪ لهي وڃي ٿو ۽ چهرو هميشہ تازو تو رهي. (٤) نمازيءَ کي الله تعاليٰ علم، ايمان ۽ دولت ۾ برڪت ڏئي ٿو. (٥) هر شخص نمازيءَ کي عزت جي نگاھ سان ڏسي ٿو. (٦) نماز خراب عادتن کان روڪي ٿي. (٧) نماز مؤمن جو معراج آهي. (٨) نماز دين جو ٿنڀو آهي. (٩) نماز پڙهڻ سان دل کي اطمينان ملي ٿو. (١٠) نماز آخرت ۾ ڇوٽڪاري جو ذريعو

آهي. (١١) نماز سان مصيبتون ۽ بلائون ٽري وڃن ٿيون. (١٢) نماز پڙهڻ واري جون دعائون قبول ٿينديون آهن. (١٣) نماز پڙهڻ سان الله تعاليٰ جي محبت پيدا ٿيندي آهي. (١٤) نماز پڙهڻ وارو الله تعاليٰ کان ڊڄي ٿو ۽ برن ڪمن کان پاسو ڪري ٿو. (١٥) نماز پڙهڻ وارو الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪري ٿو جنهن سان ان کي ربّ پاڪ جون نعمتون نصيب ٿين ٿيون. (١٦) نماز مان هر ڪم کي پنهنجي پنهنجي ڍنگ سان ادا ڪرڻ جو سبق ملي ٿو.

جمع جي نماز

روزمره جون نمازون پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ پڙهيون وينديون آهن، جنهن جي ڪري محلي وارن ۽ پاڙيسرين سان ميل ميلاپ وڌي ٿو. پر الله تعاليٰ ته ائين ٿو گهري ته اسان جا دوست وڌن، اسان وڌ ۾ وڌ پنهنجي ڀائرن سان ملي انهن جي تجربن مان فائدو وٺون ۽ گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن سان تعلقات پيدا ڪري هڪ ٻئي جا ڏک سور ورهايون ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ديني ۽ دنياوي نفعي پهچائڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ معلومات ۾ گهٽي ۾ گهٽو اضافو ٿئي. ٻڌي گهٽي کان گهٽي

مضبوط ٿئي. غير مسلمانن تي دين اسلام جو شان ظاهر ٿئي. دشمنن تي رعب قائم ٿئي. انهيءَ جي لاءِ الله تعاليٰ اسان کي حڪم ڏنو آهي ته اسان جمعي جي ڏينهن پنهنجي پنهن جو جامع مسجد ۾ گڏ ٿيون ۽ جمع نماز پڙهون.

جمعي جي نماز ۾ ٻه رڪعتون ٿينديون آهن. هن ۾ نماز کان پهريائين ٻه خطبا پڙهبا آهن جنهن ڪري مسلمانن کي هفتي ۾ هڪ ڀيرو روزمره جي فرضن جي تعليم ملي وڃي ٿي. جمعي جي ڏينهن غسل ڪرڻ ۽ پاڪ ۽ صاف ڪپڙا پائڻ گهرجن. حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو شخص جمع جي ڏينهن غسل ڪرڻ جي پابندي ڪندو، مرڻ کان پوءِ ان کي نهايت گهڻو ثواب ملندو.

عيد جي نماز

مسلمان سال ۾ خوشيءَ جا ٻه ڏينهن ملهائيندا آهن. هڪ آهي "عيدالفطر" ۽ ٻيو آهي "عيدالاضحيٰ". هي ٻئي خوشيءَ جا ڏينهن آهن. عيد جي ڏينهن غسل ڪري سنا ۽ پاڪ صاف ڪپڙا پائڻ گهرجن. دوستن سان هٿ ملائجي ۽ گلي ملڻ گهرجي. عيد جي نماز عيدگاهه، کليل ميدان يا جامع مسجد

۾ پڙهڻ گهرجي. هن ڪري مسلمانن جي ٻڌي، سندن شان ۽ طاقت جو اظهار ٿئي ٿو.

رمضان المبارڪ ۾ روزن رکڻ سان مسلمانن ۾ ايمان ۽ روحانيت ۾ واڌارو، قناعت ۽ غريبن جي مدد جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. ان جو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ شوال مهيني جي پهرينءَ تاريخ تي اسان جيڪا عيد ملهائيندا آهيون ان کي "عيدالفطر" چئبو آهي.

عيدالاضحيٰ جنهن کي "ٻاڪري عيد" به چوندا آهن، ان ۾ جانورن جون قربانيون ڪبيون آهن. هيءَ حضرت ابراهيم خليل الله عليہ الصّلواة والسّلام جي سنت آهي. هن قربانيءَ سان مسلمان الله جي راهه ۾ پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪرڻ جو عهد ڪندا آهن. هيءَ عيد ١٠- ذي الحج تي ملهائي ويندي آهي. انهن ٻنهي عيدن ۾ ٻه ٻه رڪعتون نماز پڙهي ويندي آهي ۽ هر نماز کان پوءِ ٻه خطبا پڙهيا ويندا آهن. اهي خطبا ٻڌڻ ضروري ڪم آهي.

نماز جي پابندي

نماز هڪ فرضي عبادت آهي. نماز کي وقت جي پابنديءَ سان ادا ڪرڻ ضروري آهي. قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي ته

پابنديءَ سان نماز پڙهندا ڪريو ۽ مشرڪ نه ٿيو. هڪ جاءِ تي ارشاد آهي ته نماز جي توهان به پابندي ڪريو ۽ پنهنجي گهر وارن کي به حڪم ڪريو ته اهي به پابنديءَ سان نماز پڙهن. حضرت محمّد مصطفيٰ صلّي الله عليه و آلهٖ وسلّم جن ارشاد ٿا فرمائين ته جنهن شخص ڄاڻي واڻي نماز ڇڏي، الله تعاليٰ ان بندي کان بيزار ٿئي ٿو. هڪ حديث ۾ آهي ته ٻار جڏهن ستن سالن جو ٿئي ٿو ته ان کي نماز سيکارڻ گهرجي ۽ جڏهن ڏهن سالن جي عمر ۾ پهچي ۽ نماز نه پڙهي ته ان کي سزا ڏيڻ گهرجي. حضرت لقمان به پنهنجي پٽ کي ٻين نصيحتن سان گڏ هيءَ به نصيحت ڪئي هئي ته ”پٽ نماز جي پابندي ڪجانءِ“.

نماز اڪيلو به پڙهي سگهجي ٿي ۽ جماعت سان به پر جماعت سان پڙهڻ وڌيڪ سٺو آهي. سڀني مسلمانن کي گهرجي ته جيترو ٿي سگهي نماز جماعت سان ادا ڪن.

باب ٽيون

سِيرَةُ النَّبِيِّ

صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهِ وَ سَلَّم

الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق جي هدايت لاءِ اٽڪل هڪ لک چوويهه هزار پيغمبر موڪليا. اهي سڀ پيغمبر معصوم يعني گناهن کان پاڪ آهن. هر نبي پنهنجي زماني ۾ ساريءَ دنيا کان افضل هوندو آهي. اسان جو رسول اڪرم صلّي الله عليه و آلهٖ و سلّم تمام نبين ۽ رسولن کان افضل آهي. جيڪي به خوبيون ٻين سيني پيغمبرن ۾ هيون الله تعاليٰ اهي سڀ حضور ﷺ جن جي ذات اقدس ۾ جمع ڪري ڇڏيون هيون. الله تعاليٰ پاڻ ڪريمن کي خاتم النبيّين يعني آخري نبي ڪري موڪليو ۽ ان کان پوءِ ڪوبه نبي نه آيو ۽ نه ايندو. الله تعاليٰ اسان کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سيرت تي عمل ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي ۽ ان کي دين ۽ دنيا جي ڪاميابيءَ جو ذريعو ٺاهيو آهي.

حضور صَلّي اللهُ عَلَيهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ جو پهريون سفر ۽ والده ماجده جي وفات

حضرت محمّد مصطفيٰ صلّي الله عليہ و آلہٖ و سلّم جي والد ماجد حضرت عبدالله بن عبدالمطلب پاڻ ڪريمن جي پيدائش کان ڪجھ مهينا اڳ مديني شريف ۾ وفات ڪئي هئي ۽ اتي ئي کين دفن ڪيو ويو. حضور اڪرم صلّي الله عليہ و آلہٖ و سلّم جن جي عمر مبارڪ جڏهن ڇهن سالن جي ٿي تہ پاڻ ڪريمن جي والده ماجده حضرت آمنہ بنت وَهَب حضور صہ جن کي وٺي پنهنجي مڙس حضرت عبدالله جي قبر جي زيارت جي لاءِ مديني منوره ويئي ۽ ان سان گڏ حضور صہ جن جي دائي امّ ايمن بہ هئي. اهي اتي هڪ مهينو رهيا ۽ جڏهن واپس اچڻ لڳا تہ رستي ۾ پاڻ ڪريمن صہ جن جي والده جي وفات ٿي ۽ کين اتي ئي دفن ڪيو ويو. ان جي وفات کان پوءِ امّ اَيْمَن حضور صہ جن کي واپس مڪي معظّمه ڏانهن وٺي آئي ۽ کين سندن ڏاڏي عبدالمطلب جي حوالي ڪيائين، جنهن وڏي شفقت سان پنهنجي پوٽي جي پرورش ڪئي. مگر ٻن سالن کان پوءِ اُن جو پاڇو بہ حضور جن جي متي مبارڪ کان هٽي ويو.

ٻڪريون چارڻ

ڏاڏي جي وفات کان پوءِ حضور صلّي الله عليہ و آله و سلّم جي پرورش سندن چاچي جناب ابو طالب ڪئي ۽ تمام گهڻي مُحبت ۽ شفقت سان حضور جن جي سنڀال ڪرڻ لڳو. مگر حضور صہ جن جيئن سمجهہ وارا ٿيا،تيئن محسوس ڪيائون تہ ڪين پنهنجي بزرگ ۽ مهربان چاچي لاءِ بار نہ هئڻ گهرجي. منڍ ۾ پاڻ سڳورا پنهنجي چاچي جون ٻڪريون چاريندا رهيا، پوءِ مزدوريءَ تي ٻين ماڻهن جون بہ ٻڪريون چارڻ لڳا. اهڙي طرح پاڻ سڳورن شروع کان ئي محنت سان روزي ڪمائڻ جي عادت اختيار ڪئي، جيڪا سموري امت لاءِ بهترين نمونو آهي.

محنت سان دلچسپي

نبي اڪرم صلّي الله عليہ و آلہٖ و سلّم کي هي ڳالهہ هرگز پسند نہ هئي تہ انسان محنت، مزدوريءَ جي ذريعي حلال روزي ڪمائڻ ۽ پنهنجي هٿ سان ڪم ڪرڻ جي بجاءِ ٻين

ماڻهن جي اڳيان هٿ ڊگهو ڪري. پاڻ سڳورا پنهنجي جُتيءَ مبارڪ کي پاڻ چتيون هڻندا هُئا ۽ ڪپڙن کي پاڻ پيوند لڳائيندا هئا. پنهنجن ٻڪرين جو کير به پاڻ ڏُهندا هئا. سفر ۾ به پنهنجن ساٿين جي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندا هئا. پاڻ سڳورن ٻڪريون به چاريون، ڪعبي شريف جي تعمير ۾ گارو به ڍوئيندا رهيا. پاڻ سڳورن واپار به ڪيو. مسجد جي تعمير ۾ به حصو ورتائون ۽ غزوهٔ خندق جي موقعي تي خندق جي کوٽائي ۾ به شريڪ رهيا.

مطلب ته پاڻ سڳورن محنت ڪرڻ ۽ پنهنجي هٿن سان ڪم ڪرڻ ۾ ڪوبه شرم محسوس نه ڪيو.

شام جو سفر ۽ واپار

اسان جي پياري نبي رسول مقبول صلّي الله عليہ و آلہٖ وسلّم جو سارو خاندان هميشہ کان واپار ڪندو هو. حضرت ابو طالب به واپار ڪندو هو. قريش جي خاندان جو قاعدو هو ته هڪ سال ۾ هڪ دفعو واپار جي غرض سان شام ويندا هئا. جڏهن پاڻ ڪريمن صہ جي عمر مبارڪ اٽڪل ٩ سالن جي هئي ته حضرت ابو طالب دستور موجب شام وڃڻ

جو ارادو ڪيو. سفر جي تڪليف يا ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ جي ڪري هن پاڻ ڪريمن صہ کي ساڻ وٺي وڃڻ نہ ٿي گهريو، پر جيئن تہ پاڻ سڳورا حضرت ابو طالب کي بہ اهڙيءَ طرح پيائيندا هئا جهڙيءَ طرح حضرت ابو طالب کين پيائيندو هو، انهيءَ ڪري جڏهن هو وڃڻ لڳو تہ پاڻ سڳورا ان کي چنبڙي پيا ۽ چوڻ لڳا "آئون بہ اوهان سان گڏ هلندس". حضرت ابوطالب پهريائين تہ گهڻو سمجهاين، انهيءَ لاءِ تہ جيئن پاڻ صہ نہ هلن پر پوءِ پاڻ سڳورن جي زياده مجبور ڪرڻ تي کين ساڻ وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيائين.

حضرت ابو طالب پنهنجي پياري ڀائٽي کي گڏ وٺي شام ويندي جڏهن بحيرا نالي هڪ عيسائي راهب جي گهر پهتا تہ هو حضور انور صلّي الله عليہ و آله و سلّم جي چهري مبارڪ کي ڏسي چوڻ لڳو "اي قريش جا سردار ابو طالب مان هن ننڍڙي ٻار ۾ بزرگيءَ جون نشانيون ڏسي رهيو آهيان. هن ۾ آخري نبي ٿيڻ جون سڀ علامتون موجود آهن. ٻڌو مون، ان وقت جڏهن توهان جبل تان هيٺ لهي رهيا هئا تہ هي بہ ڏٺو تہ سڀ وڻ ۽ پٿر سجدو ڪري رهيا هئا. ابو طالب هن کي واپس وٺي وڃ ۽ هن کي يهودين جي شرارتن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪر". اهو ٻڌي حضرت ابو طالب جن پنهنجي واپار جو سامان شام کڻي وڃڻ جي بجاءِ انهيءَ جاءِ تي وڪرو

ڪيو ۽ حضور صہ جن ڪي ساڻ وٺي مڪہ مڪرّمہ واپس هليا آيا.

معاشري ۾ رتبو ۽ اثر

جڏهن حضرت صہ جن جي جوانيءَ جي شروعات ٿي تہ ان زماني ۾ عرب ۾ رهڻ وارن جون عادتون ڏاڍيون خراب هيون. دنياجون سڀ خرابيون انهن ۾ موجود هيون. هو برائيءَ کي خراب تہ نہ پر هڪ ڪمال سمجهندا هئا ۽ ان تي فخر ڪنداهئا. بت پرستي انهن جي عادت هئي. قتل و غارت, لٽ مار, شراب پيئڻ ۽ جُوا کيڏڻ کي وڏائي سمجهندا هئا. معاشري جي اهڙين حالتن هوندي بہ حضور صہ جن تي انهيءَ ڳالهہ جو ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. پاڻ ڪريم صہ جن الله تعالي جي فضل سان اهڙو سٺو ۽ صاف طريقو اختيار ڪيو جو دشمن بہ ڪين عزت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳا. ايتري قدر جو پاڻ سڳورا ”صادق“ ۽ ”امين“ يعني سچا ۽ ايماندار مشهور ٿي ويا.

حَلفُ الفُضُول

عربن جون پاڻ ۾ لڙائيون ۽ جهيڙا مشهور هئا. معمولي معمولي ڳالهين تان وڙهي پوندا هئا. هڪ دفعي "عُڪَاظ" جي ميلي تي ائين ئي ڳالهين ڳالهين ۾ "قَيس" ۽ "ڪِنانه" جي قبيلن ۾ جنگ لڳي پئي. قريش حق تي هئا ان ڪري پاڻ ڪريم صہ جن بہ انهن جو پاسو ورتو پر جنگ ۾ حصو نہ ورتائون ڇو تہ ٻئي طرف ڪافر هئا. هن جنگ کي "حرب فجار" چوندا آهن.

هن جنگ کان گهڻو اڳ عربن ۾ هڪ معاهدو ٿيو هو جنهن ۾ هي فيصلو ڪيو ويو هو، تہ اسان ظالم جو مقابلو ڪنداسين ۽ مظلوم جي مدد ڪنداسين. تنهن ڪري انهيءَ مقصد لاءِ پاڻ سڳورن جي چاچي "زبير" جن عبدالله بن جدعان جي گهر ۾ سيني کي گڏ ڪري چيو "منهنجو خيال آهي تہ مظلوم جي حمايت واري پراڻي معاهدي کي وري زنده ڪيو وڃي". سيني ماڻهن ان ڳالھ جي تائيد ڪئي ۽ ان تي عهد اقرار ڪيو تہ اسان ظالم جو مقابلو ۽ مظلوم جي مدد ڪنداسين، ان معاهدي ۾ پاڻ سڳورن بہ شرڪت ڪئي، پاڻ انهن ڏينهن ۾ اجا ننڍا هئا.

حَلف معاهدي کي چوندا آهن ۽ فُضول، فَضل جو جمع آهي. اتفاق سان ان معاهدي ۾ جن ماڻهن شروعات ۾ حصو ورتو هو ۽ ان جي ابتدا ڪئي هئائون انهن جي نالن ۾ "فضل" جو لفظ هو. ان ڪري هن کي حلف الفضول چوندا آهن.

حجر اسود جو واقعو

حضور صلّي الله عليه و آلهٖ و سلّم جن جي سهڻي تدبير جو هڪ مثال:

ڪعبي جي عمارت صرف ماڻهوءَ جي قد جيتري وڏي هئي ۽ پٿرن تي ڇت به ڪانه هئي ۽ ان جي زمين هيٺ هئڻ جي ڪري برسات جي ڏينهن ۾ مينهن جو پاڻي حرم پاڪ ۾ گڏ ٿي ويندو هو ۽ عمارت کي برابر نقصان پهچندو رهندو هو. جنهن جي ڪري هر سال مرمت ڪرڻي پوندي هئي. آخر اهو فيصلو ٿيو ته عمارت کي ڊاهي ان کي نئينءَ طرح سان مضبوط ڪري ٺاهڻ گهرجي. انهيءَ ڪري ان کي ڊاهيو ويو ۽ پيهر اڏاوت شروع ڪئي ويئي. مختلف قبيلن تعمير جي ڪم جي مختلف حصن کي ورهائي ڪنيو ته جيئن ڪو به قبيلو ان عزت کان محروم نه رهجي وڃي. تعمير ڏاڍي خلوص

سان ٿي، پر جڏهن حجر اسود جي لڳائڻ جو موقعو آيو، ته جهيڙو ٿي پيو ۽ هرڪو شخص ائين پيو چاهي ته اها خدمت منهنجي هٿان ٿئي. هي جهيڙو پوراچار ڏينهن هليو. آخر پنجين ڏينهن اهو فيصلو ٿيو ته جيڪو شخص سڀاڻي صبح جو سوير "صفا" جي دروازي کان حرم ۾ داخل ٿيندو اهو ئي حجر اسود کي پنهنجي جاءِ تي لڳائڻ جو حقدار ٿيندو. ان راءِ کي سڀني پسند ڪيو. صبح ٿيڻ سان قبيلن جا سردار حرم جي طرف پهچڻ لڳا. خدا جي قدرت سان سڀ کان پهريائين حضرت محمّد مصطفيٰ صلّي الله عليہ و آلہٖ و سلّم جن حرم ۾ داخل ٿيا. پاڻ سڳورن کي ڏسي سڀني وڏي آواز سان چيو: "امين اچي ويو. امين اچي ويو. اسان کي ان تي پورو ڀروسو آهي."

فيصلي موجب حضور ﷺ جن کي ئي حَجر اَسوَد لڳائڻو هو، پر حضور ﷺ جن هي طريقو اختيار ڪيو جو پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي ان تي پنهنجي مبارڪ هٿن سان حجر اسود کڻي رکيائون. پوءِ هرهڪ قبيلي جي سردار کي فرمايائون ته گڏجي هن چادر کي کڻو ۽ لڳائڻ واري جاءِ تي رکو. سڀني ائين ڪيو ۽ حجر اسود کي کڻي اتي آيا. پوءِ پاڻ سڳورن پنهنجي برڪت وارن هٿن سان کڻي اتي لڳايو. ائين ڪرڻ سان سڀ خوش به ٿيا ۽ خوفناڪ جنگ جو خطرو به ٽري ويو.

حضورصہ جن جي امانت ۽ ديانت

حضرت رسول ڪريم صلّي الله عليہ و آلہٖ و سلّم جي سچائي، امانت ۽ ديانت نندپڻ ۾ ئي اهڙي مشهور ٿي ويئي هئي جو ماڻهو کين "صادق" ۽ "امين" ڪري چوندا هئا ۽ پنهنجون امانتون پاڻ سڳورن وٽ بناڪنهن ڊپ جي رکي ويندا هئا. نبوت ملڻ ڪان پوءِ جڏهن سڀ ماڻهو خاص ڪري پنهنجي خاندان وارا پاڻ سڳورن جا دشمن ٿي پيا هئا، تڏهن بہ اڪثر ڪري مڪي وارا پنهنجون امانتون وٽن رکندا هئا. هجرت جي موقعي تي جڏهن رات جي وقت ڪافر پاڻ سڳورن جي گهر کي وڪوڙي ويا هئا ان وقت بہ ماڻهن جون امانتون حضور صہ جن وٽ هيون، جن کي پاڻ حضرت عليءِ رضہ جي سپرد ڪري مديني شريف روانا ٿي ويا.

باب چوٿون

اخلاقيات

سٺيون عادتون سڀڪو پسند ڪندو آهي. خراب عادتن کي ڪوبه پسند نه ڪندو آهي. قرآن مجيد ۽ حديثن مبارڪن ۾ به بار بار اهو ارشاد ڪيو ويو آهي ته پاڻ ۾ سٺيون عادتون پيدا ڪريو. جو ته ان مان انسان کي عزت ۽ بلندي ملي ٿي. اسان جي پياري نبيءَ جي اخلاق جي تعريف الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ڪئي آهي. دنيا ۾ اسلام اخلاق محمّديءَ جي ذريعي وڌيو. حضور صہ جن جا اخلاق قرآني اخلاق هئا. پاڻ سڳورن جي اخلاق ۽ خوبين جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: "اِنَّكَ لَعَليٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ". جنهن جو ترجمو آهي: "اي حبيب! بيشڪ تون اخلاق جي وڏي درجي تي آهين".

روزمره جي معاملات ۾ سٺو سلوڪ

مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ڀاءُ جو ڀاءُ سان سٺو سلوڪ ڪرڻ هڪ سٺي ڳالهه آهي. قرآن مجيد ڀائيچاري جي باري ۾ ڏاڍو زور ڏنو آهي ۽ رسول ڪريم صلّي الله عليه و آله و سلّم جن هن کي اسلام ۾ بنيادي حيثيت ڏني آهي ۽ اڪثر انهيءَ

ڳالھ تي زور ڏنو آھي تہ ھڪ مسلمان ٻئي مسلمان سان سٺو سلوڪ ڪري. ھڪ موقعي تي ارشاد فرمايائون تہ ڪوبہ مسلمان ھڪ ٻئي تي ظلم نہ ڪري، ھڪ ٻئي کي بي سھارو نہ ڇڏي ۽ ھڪ ٻئي کي ذليل نہ سمجھي. ھڪ ٻئي موقعي تي ارشاد فرمايائون "جيڪو مسلمان پنھنجي ڀاءُ جي ضرورت کي پورو ڪندو الله تعاليٰ خود ان جي ضرورت کي پورو ڪرڻ فرمائيندو". ھڪ ٻيءَ جاءِ تي فرمايائون تہ پاڻ ۾ بغض نہ رکو، حسد نہ ڪريو. ھڪ ٻئي تي بھتان نہ ٻڌو ۽ ھڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو.

اھي سڀئي ڪم گناھ جا ڪم آھن. جھڙيءَ طرح نيڪيءَ جي ڪمن سان پوري معاشري کي فائدو حاصل ٿئي ٿو، اھڙيءَ طرح بُرن ۽ گناھ جي ڪمن سان معاشري ۾ خرابي پيدا ٿئي ٿي. ھن خرابيءِ سان بُري ڪم ڪرڻ وارن کي ٻيٽو گناھ ٿئي ٿو. ھو ھن دنيا ۾ انھيءَ خرابيءَ کان مُتاثر ٿئي ٿو ۽ الله جي نافرماني ڪرڻ جي ڪري سندس آخرت بہ برباد ٿئي ٿي.

اسان کي گھرجي تہ اسان قرآن مجيد ۽ رسول ڪريم جي ارشادن جيٰ روشنيءَ ۾ روزمره جي ڪمن ۾ ھڪ ٻئي سان سٺو سلوڪ ڪريون ۽ ھن ڳالھ جي ڪوشش ڪريون تہ اسان جي ڪري ڪنھن مسلمان ڀاءُ کي تڪليف نہ پھچي. اسان

ڪي گهرجي تہ جڏهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان ملون تہ ڪلمڪ پيشانيءَ سان ملون. هن سان هٿ ملايون ۽ ان سان سٺيون سٺيون ڳالهيون ڪريون. جيڪڏهن ڪو مهمان اچي تہ ان جي ڪليل دل سان آجيان ڪريون، ان جي خاطرداري ڪريون ۽ ان کي خوش رکڻ جي پوري ڪوشش ڪريون.

پاڙيسرين سان سٺي سلوڪ جي لاءِ وڏو تاڪيد ڪيو ويو آهي. پاڙيسرين جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي. ان ڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ پنهنجي پاڙي وارن جو خاص خيال رکي. ان جي هرهڪ ڏک درد ۾ شامل ٿئي.

سلام ۽ ان جو جواب

اسلام امن ۽ سلامتي جو مذهب آهي ۽ ان جي تعليم ۾ سلامتيءَ جو پيغام ڏنل آهي. مسلمان جي لاءِ تاڪيد ڪيل آهي تہ جڏهن هڪ ٻئي سان ملو تہ سلامتي جي دعا ڪريو. ان جي لاءِ اسلام هڪ مختصر جملو ”اَلسَّلامُ عَلَيڪُمۡ“ تجويز ڪيو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”توهان تي سلامتي هجي“. هن جملي جي ٻڌڻ واري لاءِ فرض آهي تہ هو هن طرح جواب ڏئي ”وَعَلَيۡڪُمُ السَّلَامُ وَ رَحۡمَةُ اللهِ وَ بَرَڪَاتُهٗ“ يعني

توهان تي به سلام هجي ۽ الله توهان تي پنهنجي رحمت ۽ برڪت نازل ڪري. اسان کي هن سلام ۽ جواب مان اسلام سان محبت ۽ اسلامي ڀائيچاري جو سبق ملي ٿو ۽ هڪ ٻئي سان محبت پيدا ٿئي ٿي.

حضور ڪريم صلّي الله عليه و آله و سلّم جن ارشاد فرمايو آهي ته سلام ڪرڻ سنت آهي ۽ سلام جو جواب ڏيڻ فرض آهي. سلام ڪرڻ واري کي ٽي ۽ جواب ڏيڻ واري کي ڏهه نيڪيون ملن ٿيون. سلام ڪرڻ جو اصول اهو آهي ته ننڍو وڏي کي، ٻاهران اچڻ وارو اندر رهڻ واري کي، بيٺل شخص ويٺل کي، ويٺل سمهيل کي سلام ڪري. مطلب هي آهي ته هر ننڍي کي گهرجي ته پاڻ کان وڏي کي صبح جو اٿي سلام ڪري ۽ هر اچڻ وڃڻ جي موقعي تي سلام ڪري.

معلوم هئڻ گهرجي ته جماعت يا ٽولي يا اجتماع تي هڪ سلام ڪافي آهي ۽ ان طرح سان جماعت مان ڪنهن به هڪ جو جواب ڏيڻ ڪافي آهي، سڀني کي ڌار ڌار جواب ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪانه آهي. سلام اڳ ۾ ڪرڻ سنت ۽ خوش خلقيءَ جي نشاني آهي ۽ ڪنهن جي سلام جو انتظار ڪرڻ نه گهرجي، جو ته اها تڪبر جي نشاني آهي.

بِسْمِ اللهِ جو استعمال

اسلام هر ڪم جي شروع ڪرڻ جو هڪ طريقو ٻڌايو آهي ۽ اهو هي آهي ته ڪم شروع ڪرڻ ڪان اڳ مسلمان "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" پڙهي. هي قرآن مجيد جي هر هڪ سورت جي منڍ ۾ لکيل آهي. هن جو ترجمو هي آهي "الله جي نالي سان شروع ٿو ڪيان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي". جيڪو ڪم بِسْمِ اللهِ سان شروع ڪيو ويندو آهي، الله تعالىٰ ان ۾ برڪت وجهي ٿو، جنهن جي ڪري ڪم ۾ آساني پيدا ٿئي ٿي. حديث شريف ۾ آهي ته ڪوبه ڪم بِسْمِ اللهِ ڪان سواءِ شروع نه ڪريو ۽ ڪابه شيءِ بِسْمِ اللهِ ڪان سواءِ نه لکندا ڪيو، اهو ڪٽي هڪ جملو ڇو نه هجي. هڪ حديث ۾ آهي ته هر ڪنهن ڪم جي شروعات بِسْمِ اللهِ سان ڪندا ڪريو خاص ڪري جڏهن ڪاڌو کائڻ ويهو ته بِسْمِ اللهِ سان شروع ڪريو نه ته کائڻ ۾ توهان سان شيطان شريڪ ٿي ويندو.

سادگي اختيار ڪرڻ

سادگي اختيار ڪرڻ جو مطلب هي آهي ته اسان کي اٿڻ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. هيءَ هڪ سٺي عادت آهي، ان جي ڪري انسان گهڻين مصيبتن ۽ پريشانين کان بچي پوي ٿو. اسلام سادگيءَ کي وڏي اهميت ڏني آهي ۽ ان کي سٺيءَ نظر سان ڏٺو آهي. خود اسان جي پياري نبيءَ زندگيءَ جي هر معاملي ۾ سادگي پسند ڪئي آهي. اسان کي گهرجي ته اسان به سادگي اختيار ڪريون.

ٻين جي خدمت

انسان جي لاءِ ٻين جي خدمت هڪ وڏي سعادت آهي. ڪنهن جي مدد ڪرڻ سان ماڻهوءَ جي دلين ۾ انسان جي لاءِ عزت پيدا ٿي ٿئي ۽ خدا به راضي ٿو ٿئي. اسلام ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. خدمت خلق جو مطلب آهي الله تعاليٰ کي راضي ڪرڻ. مخلوق خدا جي مدد ڪرڻ، ان سان نيڪي ڪرڻ، سٺيءَ طرح سان هلڻ ۽ سندن ضرورتن کي

پورو ڪرڻ. حضرت رسول خدا صلّي الله عليه و سلّم پاڻ به ماڻهن جي خدمت ڪندا هئا ۽ پنهنجي مجڻ وارن کي به حڪم ڪندا هئا ته پنهنجا ڪم پاڻ ڪريو ۽ ٻين جي ڪمن ۾ به هنن جو هٿ وٽايو. خاص ڪري رنن زالن، يتيمن ۽ بي سهارن جي مدد ڪرڻ وڏيڪ ثواب آهي. اسان جو فرض آهي ته اسان حضور اڪرم صه جن جي حڪم جو احترام ڪريون ۽ بناڪنهن ڪُرڪڻ جي ٻين جي خدمت ڪريون.

والدين ۽ استادن جو احترام

والدين يعني ماءُ پيءُ جي عزت ۽ انهن جو احترام هر قوم، هر مذهب ۽ زماني ۾ رهيو آهي. اڳين اُمتن کي به والدين سان ڀلائيءَ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي ته "اسان بني اسرائيل وارن کان انجام ورتو هو ته الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪجو ۽ والدين سان احسان يعني سٺو سلوڪ ڪجو". عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته ڪراڙپ ۾ والدين جي طبيعت نازڪ ۽ چيڙاڪ ٿئي ٿي ۽ ڳالهه ڳالهه تي، ڪين ڪمزوريءَ جي ڪري ڪاوڙ اچي وڃي ٿي. اهڙي وقت جي لاءِ الله تعاليٰ اولاد کي هدايت ڪئي آهي ته هو صبر ۽

ضابطي ڪان ڪم وٺن، انهن کي ڇڙٻ نه ڏين. جيڪڏهن هو ٻُرو ڀَلو چون يا مار ڏين ته به انهن کي اُف به نه چون ۽ انهن سان نرميءَ سان سلوڪ ڪن. حضرت علي المرتضيٰ رضه جو ارشاد آهي ته ”جيڪڏهن والدين جي بي ادبيءَ ۾ اُف چوڻ کان گهٽ به ڪو درجو هجي ها ته الله تعاليٰ ان کي به حرام قرار ڏئي ها“.

والدين جي عزت ڪرڻ فرض آهي. انهن کي خوش رکڻ جو هميشه خيال رکڻ گهرجي. انهن جي نافرماني ڪڏهن به ڪرڻ نه گهرجي نه ته دنيا ۾ به بدنام ٿبو ۽ خدا به ناراض ٿيندو. جنت صرف والدين کي خوش ڪرڻ سان ئي ملي سگهي ٿي. حديث شريف ۾ آهي ته جنت توهان جي مائرن جي پيرن جي هيٺان آهي يعني جنت انهن جي رضامنديءَ، خدمت ۽ خوشيءَ سان ئي ملي سگهي ٿي.

جهڙيءَ طرح والدين جي عزت ۽ انهن جو احترام ڪرڻ فرض آهي تهڙيءَ طرح استادن جي عزت ۽ انهن جو احترام ڪرڻ به فرض آهي. ڪن حديثن ۾ استاد جو درجو پيءُ کان وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته سنو پيءُ اهو آهي جنهن توکي تعليم ڏني. استادن جي عزت ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جو چيو مڃڻ گهرجي. اهي ٻار سڀنيءَ نگاهه سان ڏٺا ويندا آهن، جيڪي استادن جي عزت ڪندا آهن. انهن جو چيو مڃيندا

آهن ۽ انهن جي هدايت تي دل لڳائي پڙهندا آهن.

حلال روزي

دنيا ۾ هر انسان کي روزيءَ ڪمائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه محنت ڪرڻي پوي ٿي. اسلام هر اهڙي محنت کي جائز ۽ حلال سمجهي ٿو، جنهن مان ٻين کي فائدو پهچي ۽ اهڙيءَ روزيءَ کي حرام سمجهي ٿو، جيڪا ٻين ماڻهن کي نقصان پهچائي حاصل ڪئي وڃي. پوک، ڪاريگري، واپار ۽ دستڪاري وغيره کي هن ڪري حلال ڪيو ويو آهي، جو انهن مان ٻين ماڻهن کي فائدو پهچي ٿو. هاري هر هلائي اسان لاءِ اناج ڦُٽائي ٿو، ڪاريگر ڪارخانن ۾ محنت ڪري اسان جي استعمال جون شيون ٺاهي ٿو. واپاري ۽ دڪاندار پري پري کان شيون گهرائي اسان کي وڪڻي ڏين ٿا. مزدور ۽ دفترن ۾ ڪم ڪرڻ وارا به اسان جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪن ٿا. الله تعاليٰ انهن سمورن ڪمن کي پسند ڪري ٿو. چوري، ڌاڙو، رشوت، جوا، وياج ۽ نشي وارين شين کي اسلام ان جي ڪري پسند نه ٿو ڪري جو انهن شين سان ٻين ماڻهن جو حق مارجي ٿو ۽ کين نقصان رسي ٿو. ان ڪري اسلام اسان کي انهن کان بچڻ جي هدايت ڪري ٿو.

جڏهن ماڻهو حلال ذريعن سان روزي ڪمائن ٿا ۽ هڪ ٻئي جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا، ته پاڻ ۾ محبت وڌي ٿي ۽ ڪاروبار به ترقي ڪري ٿو. اهڙا ماڻهو دنيا ۾ آرام ۽ خوشي واري زندگي بسر ڪن ٿا ۽ حلال روزيءَ جي ڪري الله تعاليٰ آخرت ۾ به کين جنت ۾ داخل ڪندو ۽ جيڪي ماڻهو حرام ذريعن سان روزي ڪمائن ٿا انهن کان ٻيا ماڻهو دنيا ۾ به نفرت ڪن ٿا ۽ آخرت ۾ به انهن جي جاءِ جهنم آهي.

قرآن مجيد ۾ مختلف هنڌن تي حلال ڪمائي ۽ حرام کان بچڻ جي هدايت ڪئي ويئي آهي. مثال طور هڪ جاءِ ۾ ارشاد آهي:

"الله جي ڏنل سٺي روزي کائو ۽ الله کان ڊڄندا رهو، جنهن تي توهان ايمان آندو آهي".

نبي سڳورن جن پاڻ به ڏنارپ ۽ واپار جي ذريعي روزي ڪمائي ۽ اسان کي به حلال روزي ڪمائڻ ۽ حرام کان بچڻ جي هدايت فرمائي ۽ حرام روزي جي نتيجي کان ڊيڄاريو. هڪ حديث ۾ اچي ٿو: "حرام مان پلجڻ وارو جسم جنت ۾ نه ويندو".

جيڪڏهن سڀئي مسلمان اسلام جي اصولن مطابق حلال روزي ڪمائن ۽ حرام کان بچن ته سندن دُنيا به سُڌري وڃي ۽ آخرت به موچاري ٿي پوي.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄامشورو سنڌ جو تيار ڪرايل.
تعليم کاتي جو سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.
ڪتابن جي جائزي واري قومي ڪميٽيءَ جو سڌاريل.

قومي ترانو

پاڪ سَرزمين شاد باد — ڪِشورِ حسين شاد باد
تونشانِ عزمِ عالي شان — اَرضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد
پاڪ سَرزمين ڪانظام — قُوتِ اُخوتِ عوام
قوم، مُلڪ، سلطنت — پائنده تابنده باد
شاد باد منزلِ مُراد
پرچمِ ستاره وهلال — رهبرِ ترقي وڪمال
ترجمانِ ماضي، شانِ حال — جانِ استقبال
سايۀ خُداي ذُوالجلال

ڪوڊ نمبر 25 — سيريل نمبر

ڇپجڻ جو مهينو ۽ سال	ڇاپو	تعداد	قيمت
فيبروري 1998ع	پهريون	40,000	6.35